**AGA KHAN UNIVERSITY EXAMINATION BOARD**

**SECONDARY SCHOOL CERTIFICATE**

**CLASS X**

**ANNUAL EXAMINATIONS 2022**

**Sindhi Paper I**


**Time: 50 minutes Marks: 30**

Annual Examinations 2022 for Teaching & Learning Only

## هدايتون

1. هر سوال کي ڌيان سان پڙهو.
2. سوالن جا جواب، مهيا ڪيل/ ڏنل جوابن واري ورق تي ڏيو. پنهنجا جواب سوالنامي واري ڪاپيءَ تي بلڪل نہ لکو.
3. جوابي شيٽ تي 100 تائين نمبر ڏنل آهن. توهان 1 کان 30 تائين ڪٽب آڻيو.
4. هرسوال جو A، B، C يا D متوقع جواب آهي. انهن مان جيڪو درست هجي ان دائري کي پينسل سان پريو جئين هيٺ ڏيکاريل آهي.

**اميدوار جي صحيح**




5. جيڪڏهن توهان پنهنجو جواب مٽائڻ گهرو ٿا تہ پهريان پنهنجي پهرين جواب کي ربڙ سان ڊاهيو ۽ پوءِ نئون خانو پريو.
6. جوابن واري ڪاپيءَ تي ٻيو ڪجھ بہ نہ لکو، ڇوتہ ڪمپيوٽر صرف خاني ۾ ڏنل جواب کي ئي پڙهندو.

## ريڪارڊ پهريون:

- توهان کي ٻہ ريڪارڊ ٻڌرايا ويندا هر ريڪارڊ کي ٻہ دفعا ٻڌرايو ويندو. پهرئين دفعو ريڪارڊ کي ڌيان سان ٻڌو ۽ ان کانپوءِ ريڪارڊ بابت MCQs نمبر 1 کان 7 تائين صفحي نمبر 4 کي ڌيان سان پڙهو توهان کي ريڪارڊ بابت سوال پڙهڻ لاءِ ٻن منٽن جو وقت ڏنو ويندو تنهن کانپوءِ توهان کي هڪ دفعو وري ٻہ ساڳيو ريڪارڊ ٻڌرايو ويندو. توهان ريڪارڊ جا اهم نڪتا سوالي پيپر تي نوٽ ڪري سگهو ٿا.
- جڏهن ريڪارڊ ختم ٿي وڃي تہ ريڪارڊ بابت سوالن جا جواب ڏنل جوابي ورق تي چونڊيو.
- هر ريڪارڊ بابت سوالن جا جواب چونڊڻ لاءِ ٽن منٽن جو وقت مقرر ٿيل آهي.
- پهرئين صفحي تي ڏنل هدايتن کي غور سان پڙهو تہ جيئن توهان کي جواب چونڊڻ جي صحيح ڄاڻ ملي سگهي.
- جيستائين توهان کي هدايت نہ ڏني وڃي، تيستائين اڳتي پنو نہ اٿلايو.
- هاڻي پهرئين ريڪارڊ کي ڌيان سان ٻڌو ۽ ان بابت سوالن جا جواب چونڊيو.

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

**اڳتي پنو نہ اُٿلايو جيستائين توهان کي هدايت نہ ڏني وڃي**

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

## ريڪارڊ ٿيل پھريون:

**نوٽ:** سوالن کي غور سان پڙھي ۽ سمجھي موزون جواب چونڊيو.

1. ٻڌل پيرگراف جي شروعات ۾ چين جي حوالي سان ڪھڙي قسم جو ذڪر ٿيل آھي؟
   - A. خيالي
   - B. تنقيدي
   - C. حمايتي
   - D. وضاحتي

2. ٻڌل پيراگراف ۾ ديوار چين ٺاھڻ جو ڪھڙو مقصد بيان ڪيل آھي؟
   - A. جبلن تي چڙھڻ
   - B. نمائش ڪرڻ
   - C. حملو ڪرڻ
   - D. دفاع ڪرڻ

3. جبلن تان چڙھندي ۽ ماٺرين تان لھندي ديوار جي ڏيگھ ٿيندي
   - A. ٻيڻي.
   - B. ٽيڻي.
   - C. چوڻي.
   - D. پنجوڻي.

4. ھن عظيم ديوار ۾ موجود برجن جي اوچائي ڪيترا ميٽر آھي؟
   - A. 12
   - B. 15
   - C. 20
   - D. 25

5. ٻڌل پيراگراف مطابق ديوار چين کي اڄ ڪھڙي اھميت حاصل آھي؟
   - A. سفرنامو لکڻ لاءِ
   - B. تاريخي ورثي لاءِ
   - C. فن تعمير سکڻ جي لاءِ
   - D. گھوڙن پڄائڻ جي مقابلي لاءِ

6. ٻڌل پيراگراف مان ٻاھرن ملڪن مان ايندڙ ماڻھن جي ڪھڙي وجھ آھي؟
   - A. گھمڻ ڦرڻ
   - B. روزگار لاءِ
   - C. خريداري لاءِ
   - D. رھڻي ڪھڻي

7. جديد تعميراتي ماھر ديوار چين کي ڪھڙي نگاھ سان ڏسن ٿا؟
   - A. تنقيد جي نگاھ سان
   - B. حيرت جي نگاھ سان
   - C. تعريف جي نگاھ سان
   - D. نقصان پھچائڻ جي نگاھ سان

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning only

**ريڪارڊ پيو:**

- هاڻي توهان کي پيو ريڪارڊ ٻڌرايو ويندو. جنهن کي ٻه ٻه دفعا ٻڌرايو ويندو.

پهريون دفعو ريڪارڊ کي ڌيان سان ٻڌو ۽ ان ڪانپوءِ MCQs نمبر 8 کان 14 تائين صفحي نمبر 6 کي ڌيان سان پڙهو. توهان کي پڙهڻ لاءِ ٻن منٽن جو وقت ڏنو ويندو. تنهن ڪانپوءِ هن ريڪارڊ کي هڪ دفعو وري ٻڌرايو ويندو توهان ريڪارڊ جا اهم نڪتا سوالي پيپر تي نوٽ ڪري سگهو ٿا.

- جڏهن ريڪارڊ ختم ٿي وڃي ته ريڪارڊ بابت سوالن جا جواب ڏنل جوابي ورق تي چونڊيو. هن ريڪارڊ جي سوالن کي حل ڪرڻ لاءِ ٻه ٽن منٽن جو وقت مقرر ٿيل آهي.
- هاڻي توهان کي پيو ريڪارڊ ٻڌرايو ويندو. ان ريڪارڊ بابت ٻه ست سوال ڏنل آهن.
- توهان ريڪارڊ کي ڌيان سان ٻڌو ۽ ان بابت سوالن جا جواب چونڊيو.

**اڳتي پنو نه اُٿلايو جيستائين توهان کي هدايت نه ڏني وڃي**

Annual Examinations 2022 for Teaching & Learning only

**ريڪارڊ پيو:**

8. ٻڌل پيراگراف جي شروعات ۾ انور جي ڪهڙي ڪيفيت جي عڪاسي آهي؟

A. افسوس
B. خوشي
C. حيرت
D. خوف

9. انور جو حيدرآباد وڃڻ جو اصل مقصد ڇا هو؟

A. ڪاروبار ڪرڻ
B. دوستن سان ملڻ
C. تعليم حاصل ڪرڻ
D. مٽن مائٽن سان ملڻ

10. ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ وقت انور کي ڪهڙي قسم جا دوست مليا؟

A. بداخلاق
B. بي ادب
C. غير ذميدار
D. جگهڙو ڪندر

11. انور رات جو ڪنهن مهل سمهڻ جو عادي هو؟

A. 8 بجي
B. 10 بجي
C. 12 بجي
D. 02 بجي

12. انور جي امتحان ۾ سٺي طرح ڪاميابي نہ هجڻ جي وجھ ڪهڙي هئي؟

A. همت
B. غربت
C. علالت
D. صحبت

13. انور جي امتحان ۾ سٺي ڪاميابي نہ اچڻ تي ان جي دوستن ۽ مائٽن جو ان سان ڪهڙو ورتاءُ هو؟

A. مذاق اڙايو
B. احساس ڏياريو
C. دوستي ختم ڪئي
D. ماءُ پيءُ کي شڪايت ڪئي

14. ٻڌل پيراگراف مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

A. وقت تي اٿڻ جي
B. وقت جي قدر جي
C. وقت تي سمهڻ جي
D. وقت تي ڪالج اچڻ جي

Annual Examinations 2022 for Teaching & Learning Only

**اڳتي پنو نہ اُٿلايو جيستائين توهان کي هدايت نہ ڏني وڃي**

Annual Examinations 2022
Teaching for Learning Only

15. پکي غريب ماڻهو کي خزاني جو ڏس ڇو ٻڌايو؟

A. خوف ۾
B. خوشيءَ ۾
C. ترس کائي
D. حيرت مان

16. پيراگراف ۾ غريب شخص خزانو ڪٿا ڪڍيو؟

A. کوهه مان
B. وڻ جي مٿان
C. وڻ جي پاڙ مان
D. پکي جي آکاڙي مان

17. غريب ماڻهو جو ڀاءُ جو ڪردار ڪهاڻي ۾ ڇا آهي؟

A. نيڪ
B. هنيلو
C. لالچي
D. محنتي

18. غريب ماڻهو جي ڀاءُ جي گهر ڀاتين جي رويي کي ڏسي پکي غريب ماڻهو جي ڀاءُ لاءِ ڇا سوچيو؟

A. بيوس
B. چالاڪ
C. عقلمند
D. بيوقوف

19. هن عبارت لاءِ ڪهڙو مناسب عنوان ٿي سگهي ٿو؟

A. ٻہ ٽہ ٻارهن
B. ازغيبي خزانو
C. خوبصورت پکي
D. محنت جي عظمت

20. پڙهيل پيراگراف مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

A. وڏن جو حڪم مڃڻ
B. ترتيب سان ڪم ڪرڻ
C. عقلمندي سان ڪم ڪرڻ
D. هڪٻئي جو اعتبار ڪرڻ

Annual Examinations 2022 for Teaching & Learning Only

**پڙهڻ جون مهارتون:**

**نوٽ:** هيٺ ڏنل مواد کي ڌيان سان پڙهو ۽ ان بابت سوالن جا جواب چونديو.

گورک هل اسٽيشن الله پاڪ جي خلقيل نعمتن مان هڪ نعمت آهي. جيڪا اسان جي سڀاجهڙي سنڌ جي حصي ۾ آئي آهي. گورک هل سنڌ جي کيرٿر پهاڙي سلسلي جو هڪ مقام آهي، جنهن جي باري ۾ مختلف خيال، رايا ۽ خبرون ڪافي عرصي کان ٻڌندا ۽ پڙهندا پيا اچون. پر صحيح چوندا آهن ته "ڪم پوي ته ڪل پوي". سو اسان به سوچيو ته ان محاذ تي به وڃي ڏسجي ته خبر پوي ته حقيقت ڇا آهي.

آخرڪار اهو وقت به اچي ويو جڏهن سوٽ سڳورن مظهر علي شاهه ۽ مقبول حسين شاهه سان گڏجي آگسٽ جي ٻئي هفتي ۾ گورک هل اسٽيشن گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو، گوگل ارٿ (Google Earth) ۽ يارن دوستن جي ذريعن کان معلومات وٺڻ مان خبر پئي ته سنڌ جو اِهو جنت جهڙو ٽڪرو ڪل 25 اسڪوائر ڪلوميٽر تي مشتمل آهي ۽ سطح سمنڊ کان 5688 فوٽ اوچو آهي. يعني ڪوئيٽا ۽ ڪولپر جي اوچائي جي برابر آهي يا ان کان به سئو يا ٻه سوفٽ وڌيڪ اونچو ٿيندو جتي ٿڌ به ڪوئيٽا جيتري پوي ٿي، هت گرمين جي موسم ۾ وڌ ۾وڌ 20 کان 24 ڊگري تائين ۽ گهٽ ۾ گهٽ 15کان 16 ڊگري تائين، جڏهن ته سردين ۾ درجہ حرارت 0کان منفي 3 ڊگري تائين وڃي ٿو ۽ هت ساليانہ 120 ملي ميٽر بارش ٿئي ٿي، ۽ هوا سراسري طرح سان 20 کان 25 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتارسان گهلي ٿي، هي هل اسٽيشن دادو شهر کان اولهندي طرف 93 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي آهي. جتي پهچڻ لاءِ تقريبا 2½ ڪلاڪ لڳن ٿا. جو ته هڪ ته جوهي کان واهي پانڌي روڊ سنو نہ آهي ٻيو ته واهي پانڌي کان اڳتي پهاڙي سلسلو هجڻ ڪري گاڏي پوري رفتار سان هلي نہ ٿي سگهي ۽ آخري 6 ڪلو ميٽر جو رستو (Steep) چڙهائي هجڻ ڪري گاڏي کي4x4 گيئر لڳائڻ کانسواءِ طئي ڪري نہ ٿو سگهجي. متي موسم سرد هئڻ ڪري رات گذارڻ لاءِ ڪمبل واري بستري جي ضرورت پوندي. باقي ماني، چانهہ وغيره لاءِ اعلىٰ قسم جو ريسٽورنٽ ۽ رهائش لاءِ هٽس (Huts) ۽ ريسٽ هائوس (Rest House) پڻ موجود آهن.

21. پڙهيل مواد ۾ مضمون نگار جي گورک هل وڃڻ کان پهرئين کهڙي ڪيفيت بيان ڪيل آهي؟

A. حيرت
B. خوشي
C. پر اميد
D. تجسس

22. پڙهيل مواد مطابق مضمون نگار جو گورک هل تي وڃڻ جي وجهه ڪهڙي هئي؟

A. گهمڻ ڦرڻ
B. مائٽن سان ملڻ
C. دوستن سان ملڻ
D. معلومات حاصل ڪرڻ

23. گورک جبل تي گهٽي کان گهٽي گرمي ڪيترا ڊگري پوندي آهي؟

A. 16
B. 20
C. 24
D. 25

24. پڙهيل مواد مطابق گورک هل وڃڻ ۾ آخري 6 ڪلو ميٽر جو رستو ڪهڙي طرح آهي؟

A. هموار
B. خطرناڪ
C. هٿن وارو
D. هوٽلن وارو

25. پڙهيل مواد مطابق ڪهڙي ترتيب سان شهرن جو ذڪر ٿيل آهي؟

A. ڪوئٽا، جوهي، دادو
B. دادو، واهي پانڌي، جوهي
C. ڪوئٽا، دادو، واهي پانڌي
D. دادو، ڪوئٽا، واهي پانڌي

26. گورک هل وڃڻ لاءِ توهان کي ڪهڙي قسم جو لباس رکڻ گهرجي؟

A. گرم ڪپڙا
B. سنها ڪپڙا
C. پراڻا ڪپڙا
D. ثقافتي ڪپڙا

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

## نثر ۽ نظم جو حصو (گلدستو):

**نوٽ:** هيٺ ڏنل سوالن کي ڌيان سان پڙهو ۽ انهن جا جواب چونڊيو.

27. ڪتاب گلدستي ۾ پاڻ سڳورن جي زندگيءَ جي حوالي سان ڪهڙي شي جي اهميت بيان ڪيل آهي؟

A. علم
B. سادگي
C. سخاوت
D. شجاعت

28. سومرن ڪان پوءِ سمن جو دورڪڏهن شروع ٿئي ٿو؟

A. 1050
B. 1351
C. 1700
D. 1707

29. ايڌهي ٽرسٽ ڪهڙي قسم جو ادارو آهي؟

A. سائنسي
B. تفريحي
C. تعليمي
D. فلاحي

30. ”دعا“ نظم جي شاعر جو نالوڇا آهي؟

A. شيخ اياز
B. استاد بخاري
C. تنوير عباسي
D. سليم ڳاڙهوي

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

# Please use this page for rough work

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

# Please use this page for rough work

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

# Please use this page for rough work

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

# Please use this page for rough work

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only